# خوفناک اُنٹ




شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنت، بانیٔ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال

محمد الیاس عطار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دامت برکاتهم العَاليه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جن جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان

# خوفناڪ اُٺ

مجلس تراجم هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# خوفناڪ اُٺ[1]

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري هي بيان مڪمل پڙهو، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب ۽ معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو.

## دُرُود پاڪ جي فضيلت

مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عظمت نشان آهي: جنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي اُن کي مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ مون تي درود پاڪ پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي پري ڪرڻ وارو آهي.

(القول البديع ص 414، بستان الواعظين للجوزي ص 274)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ خوفناڪ اُٺ

مڪي جا ڪافر هڪ ڏينهن ڪعبي شريف ۾ جمع هئا، رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ويجهو ئي نماز ادا فرمائي رهيا هئا، ابو جهل هڪ وڏو پٿر کڻي ڏڪايل دلين جي چين، رحمتِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٿي مبارڪ کي معاذاللّٰه سجدي جي حالت ۾ چيپاڻڻ جي ناپاڪ ارادي سان اڳتي وڌيو ۽ جيئن ئي ويجهو پهتو تہ هڪدم گهبرائي پُوئتي پڳو، بدڪردار ڪافرن

[1] هي بيان امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو هو، تبديلي ۽ اضافي سان تحريري طور پيشِ خدمت آهي. مجلس مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

حيرت مان پڇيو: اي اَبو الحَڪَم! توکي ڇا ٿيو؟ چيائين: آئون جيئن ئي ويجهو پهتس تہ منهنجا هوش حواس ئي خطا ٿي ويا، مون ڏٺو تہ هڪ وڏي مٿي ۽ ڀيانڪ ڏچي وارو **خوفناڪ اُٺ** وات کولي ڏند ڪرٽيندي مون کي کائڻ جي لاءِ اڳيان وڌي رهيو آهي! اهڙو **خوفناڪ اُٺ** مون اڄ تائين نہ ڏٺو هو. رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اُهي جبرائيل (عَلَيهِ السَّلام) هئا، جيڪڏهن ابو جَهل اچا ويجهو اچي ها تہ اُن کي پڪڙي وٺن ها.

(السيرة النبوية لابن هشام ص 117)

نورِ خدا ہے کُفر کی حَرکت پہ خندہ زَن[1] (۱؎ یعنی ہنسنے والا)
پھونکوں سے یہ چراغ بُجھایا نہ جائے گا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## واه! شانِ بي نيازي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي شانِ بي نيازي بہ خوب آهي! ڪڏهن پنهنجي محبوب مبلغ کي دشمنن جي ذريعي مصيبتن ۽ ڏکن ۾ مبتلا ڪري انهن جا خوب خوب درجات بلند فرمائي ٿو تہ ڪڏهن مُبلّغِ اعظم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمن کي وار ڪرڻ کان اڳ ئي خوفزده ڪري اهو باور ڪرائي ٿو تہ مٿان اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اڪيلو سمجهي ويهو!

## آقاءِ مظلوم کي ستائڻ جو سبب

اسان جي آقاءِ مظلوم، سروَر معصوم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بد بخت ڪافرن جي ظلم و ستم جو سبب صرف اهو ئي هو جو هاڻي، پاڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کُلي ڪري ماڻهن کي نيڪي جي دعوت پيش ڪرڻ لڳا هئا، جڏهن ته شروع ۾ سَيِّدُ الْمُبَلِّغِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽن سالن تائين خفيه طريقي سان اسلام جي دعوت ڏني، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان عليٰ الاعلان تبليغ جو حڪم ٿيو. (ايضاً 102)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ ڪوهِ صفا تان نيڪي جي دعوت

سيپاري 19 سُوْرَةُ الشُّعَرَآء آيت نمبر 214 ۾ ارشادِ رباني آهي:

وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ﴿٢١٤﴾ ترجموڪنزالايمان: ۽ اي محبوب پنهنجن ويجهن مائٽن کي ڊيڄار. (پ ۱۹، الشعراء ۲۱۴)

انهي حڪمِ خداوندي تي اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "ڪوهه صفا" تي بيهي قريش جي قبيلي کي سڏيو، جڏهن ماڻهو جمع ٿي ويا ته ارشاد فرمايائون: ٻڌايو جيڪڏهن آئون توهان کي چوان ته مڪي جي وادي کان هڪ لشڪر حملو ڪرڻ وارو آهي ته ڇا توهان يقين ڪندؤ؟ سڀئي گڏجي چوڻ لڳا: چونه: اسان ته هميشه توهان (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي سچ ڳالهائيندي ئي ڏٺو آهي. مُبَلِّغ اعظم، نورِ مُجَسَم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "ته ٻڌؤ جيڪڏهن توهين مون تي ايمان نه آڻيندؤ ته توهان تي سخت عذاب نازل ٿيندو." اهو ٻڌي ابولهب بڪواس ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهو ٽڙ پکڙ ٿي ويا. (بخاري ج 3 ص 294 حديث 4770، 4771 ملخصًا)

مگر اُس رحمتِ عالم کا گھر توحید کا گھر تھا
نہ آسکتی تھی مایوسی کہ یہ اُمّید کا گھر تھا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڑهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

# ﴿3﴾ دروازي تي خون

اسلام جي علي الاعلان تبليغ شروع ٿيندي ئي ظلم ۽ ستم جا طوفان شروع ٿي ويا. آه! نبيَن جي سَروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، محبوبِ ربِ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ مُنور تي بدبخت ڪافر ڪڏهن گند، ڪچرو اُڇلائيندا هئا تہ ڪڏهن رحمت واري دروازي تي جانورن جو رت اُڇلائيندا، ڪڏهن رستن تي ڪنڊا وغيره وڇائيندا هئا تہ ڪڏهن مبارڪ بدن تي پٿر وسائيندا هئا. هڪ دفعي تہ انهن مان هڪ بي رحم، سجدي جي حالت ۾ ڪنڌ مبارڪ کي ايتري شدت سان دٻايو، جو قريب هو جو مبارڪ اکيون ٻاهر نڪري اچن. ڪڏهن ائين بہ ٿيو جو سجدي جي حالت ۾ مبارڪ پُٺي تي ٻچيداني (يعني اها گل جنهن ۾ اُٺڙي جو ٻچو ويڙهيل هوندو آهي) رکيو ويو. ان کان علاوه ظالم ڪافر پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ گستاخانہ جملا بَڪيندا، چٿرون ڪندا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ جادوگر ۽ ڪاهِن بہ چوندا هئا. (المواهب اللدنية ج 1 ص 119،118 وغيره ملخصاً)

پیَمبر دعوتِ اِسلام دینے کو نکلتا تھا ۔۔۔ نوید راحت وآرام دینے کو نکلتا تھا
نکلتے تھے قریش اِس راہ میں کانٹے بچھانے کو ۔۔۔ وُجُودِ پاک پر سوسوطرح کے ظُلم ڈھانے کو
خُدا کی بات سن کر مَضحکے[1] میں ٹال دیتے تھے ۔۔۔ نبی کے جِسمِ اطہر پر نَجاست ڈال دیتے تھے
تَمَسخُر[2] کرتا تھا کوئی، کوئی پتّھر اُٹھاتا تھا ۔۔۔ کوئی توحید پر ہنستا تھا کوئی مُنہ چِڑاتا تھا
قُریشی مرداُٹھ کر راہ میں آوازے کستے تھے ۔۔۔ یہ ناپاکی کے چھرے چار جانب سے برستے تھے
کلامِ حق کو سُن کر کوئی کہتا تھا یہ شاعِر ہے ۔۔۔ کوئی کہتا تھا کاہِن[3] ہے کوئی کہتا تھا ساحِر[4] ہے

1 . يعني کِل مذاق 2. يعني مسخري 3 . جنن کان پڇي ڪري ڳالهيون ٻڌائڻ وارو 4 . جادوگر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

مگر وہ مَنبعِ حِلم وحَیا خاموش رہتا تھا
دُعائے خیر کرتا تھا جفا و ظلم سہتا تھا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# خدا جي راهه ۾ مصيبت برداشت ڪرڻ سنّت آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو! اسان جي پياري پياري آقا، مَڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلام جي خاطر ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون برداشت ڪيون! اهو سڀ ڪجهه ڳُلم ڪلا **نيڪي جي دعوت** شروع ڪرڻ ڪان پوءِ ٿيو. تنهنڪري جڏهن به ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ ان جي ڪري ڪا تڪليف برداشت ڪرڻي پئجي وڃي ته سلطانِ شاهِ خيرُالاَنام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تبليغِ اسلام جي راهه ۾ پيش اچڻ وارين تڪليفن ۾ ڏکن کي ياد ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪريو جو ان دين جي خاطر سختيون برداشت ڪرڻ واري سنّت ادا ڪرڻ جي سعادت بخشي. اهڙي طرح اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ شيطان ناڪام ۽ نامُراد ٿيندو ۽ صبر ڪرڻ آسان ٿي ويندو. يقينًا راهِ خدا ۾ تڪليفون برداشت ڪرڻ به سنّت ۽ انهن تي صبر ڪرڻ به سنّت ۽ سخت ترين مشڪلاتن جي باوجود **نيڪي جي دعوت** جو سلسلو جاري رکڻ به سنّت آهي.

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مُسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

# ﴿4﴾ شِعب اَبي طالِب

نُبُوَّت جي اعلان جي ستين سال جڏهن مڪي جي ڪافرن ڏٺو ته انهن جي بي پناهه ظلم ۽ ستم جي باوجود مسلمانن جو تعداد وڌندو پيو وڃي ۽ حمزه ۽ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جهڙيون هستيون به ايمان آڻي چڪيون آهن. حَبش جي بادشاهه نَجَاشِي به مسلمانن کي پناهه ڏيئي ڇڏي آهي ته "خصائصِ ڪُبريٰ" جي روايت مطابق انهن گڏجي اهو فيصلو ڪيو ته (حضرت سيّدنا) مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي (مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ) عَلي الاعلان شهيد ڪيو وڃي. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو طالِب کي خبر پئي ته انهن به بني هاشم ۽ بني مُطَّلِب کي گڏ ڪري چيو ته (حضرت سيدنا) مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي تَحَفُّظ خاطر پنهنجي شِعب (يعني گهاٽي) ۾ وٺي هلو. اهڙي طرح ائين ئي ڪيو ويو. (خصائصِ ڪبريٰ ج 1 ص 249) اها گهاٽي مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ واقع آهي جيڪا بني هاشم جي موروثي (يعني اباڻي) هئي. جنهن کي ۽ "شِعَبِ ابي طالِب" چيو ويندو هو. (ٻن جبلن جي وچ واري رستي يا اُتان جي خشڪ ٽڪري کي شِعب چوندا آهن)

## سَماجي قَطع تَعَلُّق (يعني سوشل بائيڪاٽ)

جڏهن مڪي جي ڪافرن کي خبر پئي ته بني هاشم ۽ بني مُطَّلِب (سواءِ ابو لهب جي) بنا ڪنهن مذهبي فرق جي سلطانِ عرب، محبوبِ ربّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ذمي ورتو آهي ته ڪافرن مُحَصَّب ۾ جيڪو مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۽ مِنيٰ شريف جي وچ ۾ واقع آهي، پاڻ ۾ عهد ڪيو ته "جيستائين "بنو هاشم" محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنھن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙھيو قيامت جي ڏينھن ان کي منھنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

کي انھن جي حوالي نہ ڪندا ڪير بہ انھن سان ڪنھن قسم جو تعلق نہ رکندو، نہ انھن وٽ ڪا شيءِ وڪرو ڪئي ويندي، نہ انھن سان رشتو ناتو ڪيو ويندو ۽ نہ ئي انھن کي آزادي سان ڦِرڻ ڏنو ويندو.“ اهو معاهدو لِکي ڪعبي شريف جي دروازي مبارڪ تي لٽڪايو ويو. مڪي جي ڪافرن انهيءَ تي سختي سان عمل ڪندي بنو هاشم ۽ بنو عَبدالْمُطَّلِب جو مڪمل طور تي ”سماجي قطع تعلق“ (يعني سوشل بائيڪاٽ) ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح اهي ٻئي خاندان بہ مسلمانن سان گڏ ”شِعَبِ ابي طالِب“ ۾ محصور (يعني قيد) هئا.

بڑی سختی سے کرتے تھے قریش اِس گھر کی نگرانی
نہ آنے دیتے تھے غلّہ ادھر تا حدِّ اِمکانی
کوئی غلّے کا سوداگر اگر باہَر سے آجاتا
تو رستے ہی میں جا کر بُولَہَب کمبخت بہکاتا
پہاڑوں کا دَرّہ اِک قلعۂ محصُور تھا گویا
خُدا والوں کو فاقوں مارنا منظور تھا گویا
رسولُ اللّٰہ لیکن مُطمئن تھے اور صابِر تھے
خُدا جس حال میں رکھے اِسی حالت پہ شاکر تھے

# چمڙي جو ٽڪرو ڪائي ڇڏيائون

هاڻي صورتِ حال اها هئي جو مڪي شريف زَادَھَا اللہُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا ۾ ٻاهر ڪان جيڪو بہ اناج ايندو هو، ظالم ڪافر ان کي پاڻ ئي خريد ڪري وٺندا ۽ ان کي مسلمانن تائين پهچڻ نہ ڏيندا هئا. جڏهن محصورين (يعني شِعَبِ ابي طالِب ۾ قيد رهڻ وارن) جا ٻار ٻُک مان تڙپندا هئا تہ بدبخت ڪافر انهن جي آوازن تي ٺهڪ ڏيندا ۽ خوشيون ملهائيندا هئا، عورتن جو ڪير سڪي ويو هو، اهي ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين ٻُکيا رهندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ٻک ڪان بيتاب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

ٿي ڪري وڻن جا پتا اُباري ڪري ڪائي پيٽ ڀريندا هئا. حضرت سيّدنا سعد ابنِ ابِي وقاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو بيان آهي ته هڪ ڀيرو رات جو انهن کي سُڪل چمڙي جو هڪ ٽڪرو ڪِٿان مليو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي پاڻي سان ڌوتو، باهه تي پُڃيو، ڪُٽي پاڻي ۾ ملايو ۽ سَتُّو وانگر پي پنهنجي پيٽ جي بک ختم ڪئي. (الروض الانف ج 2 ص 161)

وہ بھوکی بچیوں کا رُوٹھ کر فی الفور مَن جانا  
خدا کا نام سُن کر صَبر کی تصویر بن جانا  
تڑپنا بھوک سے کچھ روز آخر جان کھودینا  
وہ ماؤں کا فلک کو دیکھ کر چُپ چاپ رو دینا  
رِضاوصَبر سے دِن کٹ گئے اِن نیک بختوں کے  
کہ کھانے کے لیے ملتے رہے پتّے درختوں کے  
گزارے تین سال اِس رنگ سے ایمان والوں نے  
دِکھادی شانِ اِستقلال اپنی آن والوں نے

# اُڌوهي جو ڪمال

جڏهن ٽي سال ان حالت ۾ گذري ويا ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خبر ڏني ته اُن معاهدي جي تحرير اُڌوهي اهڙي طرح ختم ڪئي آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي کان سواءِ اُن ۾ ڪجهه باقي ناهي رهيو. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها خبر ابو طالب کي ڏني، انهن وڃي مڪي جي ڪافرن کي چيو: ”اي گُروهه قريش! منهنجي ڀائيٽي مون کي هِن طرح جي خبر ڏني آهي توهين پنهنجو لکيل معاهدو ڪڍي اچو، جيڪڏهن اها خبر صحيح نڪتي ته توهين قَطعِ رِحَم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ کان) مڙي وڃو ۽ جيڪڏهن غلط نڪتي ته آئون پنهنجي ڀائيٽي کي توهان جي حوالي ڪري ڇڏيندس.“ اُهي اِن تي راضي ٿي ويا. جڏهن ”معاهدو“ ڏنو ويو ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

اوهڙو ئي هو جهڙي خبر ڏني ويئي هئي. توري قِيل و قال (يعني بَحث ۽ مُباحثي) ڪان پوءِ پنج ماڻهو (هِشام بن عَمرو، زُهَير بن اَبي اُمَيّه مَخزومي، مُطعِم بن عَدي، ابو البَختَري ۽ زَمعَہ بن اَسوَد) اِنهيءَ معاهدي کي ڦاڙڻ تي متفق ٿي ويا ۽ نيٺ ابو البَختري ڪٽي ڦاڙي ڇڏيو. پر افسوس! جو بي ڏِنگا ڪافر پشيمان ۽ شرمنده ٿيڻ جي بدران وڌيڪ تڪليفون پهچائڻ ۾ لڳي ويا. (سيرتِ رسولِ عربي ص 63) "سُبُل الهديٰ" ۾ آهي: اُنهن پنجن مان حضرتِ سيدنا هِشام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ حضرت سيدنا زُهير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. (سبل الهديٰ ج 2 ص 414)

حق کی راہ میں پتّھر کھائے خوں میں نہائے طائف میں
دین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سلطان کیا (وسائلِ بخشش ص ۳۸۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ طائف جو ڏڪائيندڙ سفر

هاڻي مديني جي سفر جي دوران مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ڪان اسلامي ڀائرن ڏانهن موڪليل هڪ "اِجتِماعي مڪتوب" مان **طائف جو رقت انگيز داستان** ضرورت مطابق ترميم سان پيش ڪيو وڃي ٿو، ان کي لڙڪ وهائيندڙ اکين سان پڙهو: نبوت جي اعلان ڪان پوءِ نون سالن تائين اسان جا منا منا، پيارا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي ماڻهن ۾ اسلام جي تبليغ فرمائيندا رهيا، پر تمام گهٽ ماڻهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪي جي دعوت قبول ڪئي. بدبخت ڪافرن جي طرفان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنز العمال)

مخالفت جو زور ڏينهو ڏينهن وڌندو پئي ويو. شاهِ خيرُ الانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي ڪافر وڏيڪ ستائيندا ۽ مختلف طريقن سان مذاق اُڏائيندا هئا. ها ڪافر هئڻ جي باوجود ڪجهه ماڻهو اهڙا ٻه هئا جيڪي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان همدردي رکندا هئا، انهن مان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا چاچا ابو طالب ٻه هئا، ان جو ڪافرن تي ڪافي رُعب ۽ دٻدٻو هو. ڏهين سال انهن جو انتقال ٿي ويو. هاڻي ڪافرن جا حوصلا هڪدم بلند ٿي ويا ۽ انهن جي طرفان ظلم و ستم جي طوفانن اجا وڏيڪ زور پڪڙي ورتو. اهڙي طرح رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن طائف جو ارادو فرمايو ته جيئن اُتي وجي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏين، طائف پهچي شهنشاهِ خيرُ الانام، محبوبِ ربُّ السَّلام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پهرين پهرين بنو ثقيف جي ٽن سردارن کي اسلام جو پيغام پهچايو.

چلا اِک روز مکّے سے نکل کر جانبِ طائف ‏ ‏ وہ ہادی جو نہ ہوسکتا تھا غَیرُ اللّٰہ سے خائف
دکھائی جِنسِ رُوحانی کمینوں کو خسیسوں کو ‏ ‏ دِیا پیغامِ حق طائف میں، طائف کے رئیسوں کو

## قلم ڏکي ٿو!

افسوس! انهن نادانن حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر، محبوبِ ربِ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪي جي دعوت ٻڌي ڪري مجي ڪنڌ جهڪائڻ جي بدران نهايت سرڪشي جو مظاهرو ڪيو ۽ طرح طرح جي بڪواس ڪرڻ لڳا. آهه! انهن بد اخلاق سردارن اهڙا اهڙا گستاخانه جملا ٻَڪيا جو انهن کي لکڻ سان سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡه جو قلم ڏکي ٿو، منهنجي پياري آقا مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

جن اجا بہ همت نہ هاري، بين ماڻهن وٽ تشريف وٺي آيا ۽ انهن کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي. آهہ! صد آهہ! **سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات، محبوبِ رب الارض والسمٰوٰت** ﷺ جي پيغامِ نجات ٻڌڻ جي لاءِ ڪو تيار ئي نہ هو، افسوس! اُهي ماڻهو پنهنجي عظيم محسن کي دشمن سمجهي وينا ۽ طرح طرح سان دل ڏکائڻ لڳا. انهن جي بڪواس کي ڪاغذ تي لکڻ جي سگِ مدينہ عُفِيَ عنه ۾ همت ڪِٿي! اُنهن سنگدلن صرف اُول فُول بڪڻ (يعني بيهوده بڪواس ڪرڻ) ئي تي بس نہ ڪيو بلڪ لوفر ڇورن کي بہ پٺيان لڳايو. هي لفظ لکندي دل غم ۾ ٻڏندي پئي وڃي، اڪيون آليون ٿينديون پيون وڃن، آهہ! اُهي ظالم نوجوان، منهنجي اکين جي نار ۽ دل جي چين، رحمتِ دارين، تاجدارِ حَرَمَين، سَروَرِ ڪَونين، ناناءِ حَسَنَين ﷺ جي جان وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ تاڙيون وڄائيندا طرح طرح جون ڇٽرون ڪندي پيڇو ڪرڻ لڳا، اوچتو انهن ظالمن پٿر ڪنيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي....... آهہ! آهہ! صد هزار آهہ! منهنجي آقا....... منهنجي پياري پياري آقا...... منهنجي دل جي سلطان آقا...... رحمتِ عالميان آقا ﷺ جي جسم مبارڪ تي پٿر وسائڻ شروع ڪري ڏنا، هاءِ ڪاش! سگِ مدينہ عُفِيَ عنه اُن وقت پيدا ٿي ڪري ايمان آڻي چڪو هجي ها....... ڪاش! ديواني وار........ پرواني وار........ مستاني وار اُهي سڀ پٿر پنهنجي جسم تي برداشت ڪري ها.

مگر کریں کیا نصیب میں تو یہ نامُرادی کے دن لکھے تھے

خبر ناهي تہ آسمان اهو خوني منظر ڪيئن ڏٺو هوندو؟ آهہ!

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

جسمِ نازنين پٿرن سان زخمي ٿي ويو ۽ ايتري قدر خون مبارڪ وهيو جو جُتي مبارڪ رت سان پرجي ويئي. جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيقرار ٿي ويهي ٿي رهيا تہ ظالم ڪافر ٻانهن کان وٺي اُٿاري ٿي ڇڏيائون. ۽ جڏهن پاڻ وري هلڻ لڳا تہ ٻيهر پٿر ٿي وسايائون ۽ گڏوگڏ کِلندا رهندا هئا.

بڑھے اَنبوہ[1] در اَنبوہ پتھر لے کے دیوانے ۔۔۔ لگے مینہ پتھروں کا رحمتِ عالم پہ برسانے
وہ اَبرِ لُطف جس کے سائے کو گلشن ترستے تھے ۔۔۔ یہاں طائف میں اُس کے جسم پر پتھر برستے تھے
وہ بازو جو غریبوں کو سہارا دیتے رہتے تھے ۔۔۔ پَیاپے آنے والے پتھروں کی چوٹ سہتے تھے
وہ سینہ جس کے اندر نُورِ حق مَستُور[2] رہتا تھا ۔۔۔ وُہی اب شَق ہوا جاتا تھا اِس سے خون بہتا تھا
جگہ دیتے تھے جن کو حامِلانِ عرش[3] آنکھوں پر ۔۔۔ وہ نَعلینِ مُبارک ہائے خُوں سے بھر گئیں یکسر

حُضُور اِس جَور[4] سے جب چُور ہو کر بیٹھ جاتے تھے
شَقِی[5] آتے تھے بازو تھام کر اُوپر اُٹھاتے تھے

# جبلن جو فرشتو

حضرتِ سيّدنا جبرائيل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **مَلَكُ الجِبال** (يعني جبلن تي مقرر فرشتي) کي وٺي تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيا. **مَلَكُ الجِبال** پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ سلام عرض ڪري درخواست ڪئي: جيڪڏهن اوهان حڪم فرمايو تہ ٻنهي جبلن کي انهن ڪافرن تي اونڌو ڪري ڇڏيان. اهو ٻڌي ڪري نبيءِ رَحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ڏنو: ”آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات پاڪ کان پُر اُميد آهيان تہ جيڪڏهن

---

1 هجوم 2. پوشيده. يعني لِڪيل 3. عرش کڻڻ وارا فرشتا 4. ظلم 5. بد بخت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

اِنهن ماڻهن ايمان نہ آندو تہ انهن جي اولاد مان اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا.“ (بخاري ج 2 ص 382 حديث 3231)

اگر يہ لوگ آج اِسلام پر ايماں نہيں لاتے خدائے پاک کے دامانِ وَحدت ميں نہيں آتے
مگر نسليں ضَرور اِن کی اِسے پہچان جائيں گی درِ توحيد پر اِک روز آ کر سَر جھکائيں گی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڪو دڙڪو ڏيئي تہ ڏسي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ڪو ٿورو دڙڪو ڏئي يا بلڪ ڀلائي جي ڳالهہ ئي چوي تہ اڪثر ڪري اسان آپي کان ٻاهر نڪري ويندا آهيون، جيڪڏهن ڪير گار ڏيئي يا ٿپڙ وغيره هڻي تڏهن تہ مڪمل بلڪ ڪيترائي دفعا وڏيڪ بدلو وٺڻ جي باوجود بہ شايد اسان جو غصو ٺڌو نہ ٿيندو آهي. پر قربان ٿجي! خاتَمَ الْمُرسَلِين، رَحمَۃ لِلعٰلَمِينصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جو هيترو ستائڻ جي باوجود بہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ذات جي لاءِ غصو نٿو اچي ۽ نہ ئي پنهنجي دشمن جي بربادي ۽ هلاڪت جي آرزو آهي، جيڪڏهن ڪا آرزو آهي تہ فقط اها تہ اسلام جو شان مٿانهون ٿئي، هر طرف خدا عَزَّوَجَلَّ جي دين جي روشني ڦهلجي ۽ ماڻهو هڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ جُهڪي وڃن.

# آسانين جي باوجود سستي

اي عشقِ رسول جو دعويٰ ڪرڻ وارؤ! مدينه مدينه ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول! ڇا انهيءَ جو نالو عشقِ رسول آهي جو سيّد الْمُبلِغين، رَحمَۃٌ لِّلعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ ڪنڊن تي هلي بہ دين

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي.** (حاڪم)

جي تبليغ ڪن ۽ اسان ٿڌي هوا ڏيڻ وارن پکن جي ڇانوَ ۾ بلڪ اي.سي جي ٿڌاڻ ۾ قالينن تي ويهي به **نيڪي جي دعوت** نه ڏيئي سگهون! **الله** عَزَّوَجَلَّ **جا پيارا حبيب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فاقن جي سبب** پنهنجي مبارڪ پيٽ تي پٿر ٻڌي به اسلام جي تبليغ فرمائن ۽ اسان خوب پيٽ ڀري ۽ اهو به عمده عمده نعمتون کائڻ جي باوجود به دين جي لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهون! ڇا محبتِ رسول انهيءَ جو نالو آهي جو محبوبِ ربِ اڪبر، مَڪّي مديني جا تاجوَر، صبر ۽ رضا جا پيڪر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ بدن تي پٿر کائي ڪري به اسلام جي تبليغ جو فرض ادا ڪن ۽ اسان تي ماٺهو گل نِڇاور ڪن پوءِ به اسان ان عظيم مدني ڪم کان پري ڀڄون.

# هاءِ! مسلمانن جو بگڙيل ڪردار!

اي پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديوانگي ۾ جهومڻ وارا عاشقانِ رسول! مسلمانن جي بد حالي اوهان جي سامهون آهي، ڇا بي عملي جا سيلاب ۽ مسجدن جي ويراني ڏسي اوهان جي دل نٿي سڙي؟ آهه! مغربي فيشن جي يلغار، فرنگي تهذيب جي طومار، بي حيائين سان ڀرپور پروگرام ڏسڻ جي لاءِ گهر گهر رکيل ٽي وي ۽ وي سي آر، قدم قدم تي گناهن جي ڀرمار، هاءِ! مسلمانن جو بگڙيل ڪردار! اهي سڀ ڳالهيون مسلمانن جي خيرخواهي ۽ آخرت جي بهتري جي طلب گار مسلمان جي لاءِ تمام گهڻي درد ۽ بيچيني جو سبب آهن ۽ هو مسلمانن جي اصلاح جي لاءِ بيقرار ٿي وڃي ٿو، اي ڪاش! اسان ڪي بي عمل مسلمانن جي سُڌاري جي ڪوشش جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

عظيم جذبو نصيب ٿي وڃي! ڪاش! اسان پنهنجي عظيم مدني مقصد ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اچو! انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجو مدني مقصد ملي دُهرائي ڇڏيون: **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ

دو دَرد سنّتوں کا پئے شاہِ کربلا
اُمّت کے دِل سے لذّتِ فیشن نکال دو (وسائلِ بخشش ص۲۹۰)

## نيڪي جي دعوت جي فضيلت ۽ عظمت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي خوب خوب **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ گهرجن، نيڪي جي دعوت جي دُنياوي ۽ اُخروي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! **الله** عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيّدنا موسيٰ ڪليم **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي طرف وحي فرمائي ته جنهن ڀلائي جو حڪم ڏنو ۽ برائي کان روڪيو ۽ **ماڻهن** کي منهنجي اطاعت (يعني فرمانبرداري) جي طرف سڏيو، قيامت جي ڏينهن منهنجي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندو. (حلية الاولياءِ ج 6 ص 36 رقم 7716)

## طاقت جي باوجود گناهه کان نه روڪڻ واري جي لاءِ وعيد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو جيڪا قوم طاقت جي باوجود گناهه ڪرڻ واري کي ان کان نٿي روڪي، ڄڻ آهي ته اها نه روڪڻ واري قوم مرڻ کان پهرين دنيا ۾ ئي عذاب ۾ گرفتار ٿي وڃي. جيئن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: **جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ ڪو شخص گناهه ڪري ۽ قوم جا ماڻهو طاقت جي باوجود ان کي**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

گناهه ڪان نه روڪين ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي مرڻ ڪان پهرين انهن تي پنهنجو عذاب نازل فرمائيندو. (ابو داؤد ج 4 ص 164 حديث 4339)

## 40 هزار نيڪ به هلاڪ ڪندس ڇو ته....

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي نمازين، گاريون بڪڻ وارن، فلمن، ڊرامن، گانن باجن، غيبتن ۽ چغلين وغيره جهڙن گناهن ڪي نه ڇڏڻ وارن سان دوستيون رکڻ، انهن جي حوصله افزائي جو سبب بڻجڻ، انهن سان گڏ اُٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ وغيره دنيا ۽ آخرت جي لاءِ سخت هاڃيڪار آهي. فسّاق ۽ فجّار (يعني گناهگارن ۽ بدڪارن) جي صحبت اختيار ڪرڻ وارن جي مذمت ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 22 صفحي 211 ڪان 212 تي نقل ڪن ٿا: اللهعَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾ (پ۷، الانعام ۶۸)

ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن ڪڏهن توکي شيطان تو کي وسارائي ته ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نه ويهي.

(بيان ڪيل آيت مبارڪ ۾ "ظالمين" مان مراد ڪهڙا ماڻهو آهن، ان جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا:) تفسير احمدي ۾ آهي: ظالم ماڻهو بد مذهب ۽ فاسق ۽ ڪافر آهن، انهن سيني وٽ ويهڻ منع آهي. (التفسيرات احمديه ص 388) مروي آهي الله عَزَّوَجَلَّ (حضرتِ سيّدنا) يوشع عَلَيْهِ الصَّلٰوة وَالسَّلَام ڪي وحي موڪلي: مان تنهنجي علائقي مان چاليهه هزار نيڪ ۽ سٺ هزار بُرا ماڻهو هلاڪ ڪندس. عرض ڪيائين: الٰهي! بُرا ته بُرا آهن، نيڪ ڇو هلاڪ ٿيندا؟ ارشاد ٿيو: انهيءَ ڪري جو جن تي منهنجو غضب هو نيڪ ماڻهن اُنهن تي غضب نه ڪيو ۽ انهن سان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ڳڌ ڪائڻ پيئڻ ۾ شريڪ رهيا.

(الامر بالمعروف والنهي عن المنكر مع موسوعة ابن ابي الدنيا ج 2 ص 213 رقم 71)

# نيڪي جي دعوت جي لاءِ سفر ڪرڻ سنت آهي

اي عاشقانِ رسول! بس گناهن جي خلاف اعلانِ جنگ ڪري ڇڏيو، پاڻ کي گناهن کان بچائڻ سان گڏ ٻين کي بچائڻ لاءِ تيار ٿي وڃو، **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ، ان جي لاءِ گهران نڪرڻ، ان جي خاطر سفر اختيار ڪرڻ، انهيءَ راهه ۾ اچڻ وارين تڪليفن کي برداشت ڪرڻ يقيناً اسان جي مني مني آقا، مَکّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون پياريون پياريون سنتون آهن. اي ڪاش! اسان تي به ڪرم ٿي وڃي ۽ اسان به انهن عظيم سنتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون ۽ **نيڪي جي دعوت** جي خاطر گهران نڪرڻ، ۽ سنتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ ۽ ان جي تمام تر سختين تي صبر ڪرڻ سگهي وڃون. اي عاشقانِ رسول چورائڻ وارؤ! دنيا جي ڪم ڌنڌن جي لاءِ ته سالن تائين گهر کان پري رهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهيو، ڇا **الله** عَزَّوَجَلَّ جي دين جي سر بلندي جي لاءِ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريي سفر جي ڪجهه ڏينهن جي لاءِ به قرباني نه ڏيندؤ؟

سنّت ہے سفر دین کی تبلیغ کی خاطِر
ملتا ہے ہمیں درس یہ اَسفارِ نبی سے (وسائلِ بخشش ص۲۰۳) (اِ سفر کی جمع)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

# علم جي فضيلت ۾ چار فرمانِ مصطفيٰ

دل ۾ اسلام جو درد رکڻ واري هر مسلمان کي منهنجي درد ڀري التجا آهي تہ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جا دنيا ۾ جتي بہ ”مدني قافلا“ نظر اچن انهن سان گڏ ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ضرور گذاريو ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توفيق ڏي تہ انهن سان گڏ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪري اَجر ۽ ثواب جا حقدار بڻجو. مدني قافلي ۾ سفر علمِ دين حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي ۽ علمِ دين جي فضيلتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! ”دعوت اسلامي“ جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جنت ميں لے جانے والے اعمال“ صفحي 38 کان 40 تان چار فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيش آهن: (1) جيڪو شخص علم جي طلب ۾ گهران نڪري ٿو ملائڪ ان جي ان عمل کان خوش ٿي اُن جي لاءِ پنهنجا پر وڇائين ٿا. (طبراني ڪبير ج 8 ص 54 حديث 7347) (2) جيڪو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي فرضن جي باري ۾ هڪ يا ٻہ يا ٽي يا چار يا پنج ڳالهيون سکي ۽ انهي کي چڱي طرح ياد ڪري ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (الترغيب والترهيب ج1 ص54 حديث 20) (3) جيڪو صبح جو مسجد جي طرف ڀلائي سکڻ يا سيکارڻ جي ارادي سان هلي ٿو ان کي ڪامل حج ڪرڻ واري جو ثواب ملندو. (طبراني ڪبير ج 8 ص 94 حديث 7473) (4) جيڪو ٻانهو علم جي جستجو ۾ جُتي، جوراب يا ڪپڙا پائي ٿو تہ پنهنجي گهر جي چائنٺ (يعني دروازي) کان نڪرندي ئي ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلىٰ)

(طبراني اوسط ج4 ص 204 حديث 5722)

# امير قافلہ جي حسنِ اخلاق مون کي مدني قافلي جو مسافر بڻائي ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علم حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جا مدني قافلا بہ آهن سڀ جي عمر ۾ هڪ دفعو ٻارهن مهينا، هر ٻارهن مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ هر 30 ڏينهن ۾ 3 ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر ڪريو. مدني قافلي جي برڪتن کي سمجهڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو، جيئن مرڪزالاولياء (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ منهنجي عمر جا 25 سال گذري چڪا هئا پر آئون علمِ دين کان ايتري قدر بي خبر هئس جو مون کي نماز روزي جا بنيادي احڪام بہ معلوم نہ هئا. هڪ ڏينهن مسجد ۾ نماز جي لاءِ حاضر ٿيس تہ هڪ اسلامي ڀاءُ وڏي محبت سان اڳتي وڌي مون سان ملاقات ڪئي، ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت بہ ڏني. دعوتِ اسلامي جي "مدني ماحول" کان واقفيت نہ هئڻ جي ڪري مون انڪار ڪيو پر اسان جي پاڙي جي مسجد جي امام صاحب مون تي انفرادي ڪوشش فرمائي ۽ منهنجو حوصلو وڌايو ايستائين جو انهن مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ راضي ڪري ورتو. آئون سفر جي نيت سان هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ حاضر ٿيس، اجتماع کان پوءِ صبح جو مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻو هو، آئون دنيا جي محبت جو ماريل ايتري دير مسجد ۾ رهڻ سان بيزار ٿيس ۽

”مدني قافلي“ ۾ وڌيڪ 3 ڏينهن مسجد ۾ رهڻ جي تصور کان گهٻرائي رهيو هئس، مون هتان کان ڀڄڻ جي نيّت بہ ڪري ورتي هئي تہ ايتري ۾ منهنجو امير قافلہ ڳوليندي مون وٽ آيو، شيطان مون کي ورغلايو تہ ”ادا هاڻي تون ڦاٿين! هي مولوي توکي ڪونہ ڇڏيندو.“ مون بہ دل ۾ چيو: ڏسان ٿو مون کي هي ڪيئن ٿو قافلي ۾ وٺي وڃي! تنهنڪري شيطان جي ڏوڪي ۾ اچي مون پنهنجي محسن امير قافلہ کي ڪاوڙ ۾ ڇڙٻ ڏيندي چيو تہ ”ادا وڃ! آئون اوهان کي ڪونہ ٿو سڃاڻان مون کي ڪنهن مدني قافلي ۾ ڪونهي وڃڻو، بس مون کي تنگ نہ ڪر گهر وڃڻ ڏي.“ يقين مڃو! ان وقت حيرت جي انتها نہ رهي جڏهن منهنجي ڪاوڙ مان ڏنل ورندي کان پوءِ بہ امير قافلہ جي چپن تي مُرڪ ڏٺم! انهن مون تي ڪاوڙ جي ذريعي جوابي ڪاروائي ڪرڻ جي بدران مُرڪي انتهائي شفقت ۽ نرمي سان مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ مون کي سمجهائڻ شروع ڪيو ۽ ان جي لاءِ مون کي مِنٿ ميڙ ڪرڻ لڳو، انهن جي اعليٰ اخلاق مون کي مدني قافلي ۾ سفر تي راضي ڪري ئي ورتو ۽ آئون عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سنتن ڀري سفر تي روانو ٿي ويس، پهرين ئي ڏينهن جڏهن مدني قافلي وارن سڪڻ سڪارڻ جا مدني حلقا لڳايا تہ مون کي دل ئي دل ۾ تمام گهڻي پشيماني ٿيڻ لڳي تہ صد ڪروڙ افسوس! 25 سالن جي عمر تي وڃي پر اجا تائين مون کي دين جي بنيادي احڪامن جي بہ خبر ناهي! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ 3 ڏينهن گذارڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

ڪان پوءِ آئون تمام گهڻو علمِ دين مثلاً وضوء، غسل، ۽ نماز جا ڪيترائي احڪام سِکي ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جو عظيم جذبو کڻي ان حال ۾ گهر موٽيس جو منهنجي مٿي تي مدني قافلي جي ياد ڏيندڙ سبز سبز عمامي شريف جو تاج جڳمڳائي رهيو هو.

اچّھی صُحبت ملے، خوب برکت ملے — چل پڑو چل پڑیں قافلے میں چلو
لُوٹ لیں رحمتیں، خوب لیں برکتیں — خواب اچّھے دِکھیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اِستِقامت تمام ضروري آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن کهڙو ٻه هجي جيستائين ان کي استقامت سان نه سکيو ويندو مهارت حاصل ٿيڻ مشڪل آهي اهو ئي معاملو علمِ دين جو آهي، نفس لک سستيون ڏياري، شيطان غفلت جي ننڊ سمهارڻ جي لاءِ چاهي ڪيتريون ئي لوليون ڏي اوهان هوشيار ۽ سجاڳ رهو، دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪندا ۽ ڪرائيندا رهو ۽ علم دين سکندا سکاريندا رهو، ان شاءَالله ڪاميابي ضرور اوهان جا قدم چمندي. اُمّ الْمُؤمِنِين حضرتِ سيّدَتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اَحَبُّ الْاَعْمَالِ اِلَى اللّٰهِ تَعَالٰى اَدْوَمُهَا وَاِنْ قَلَّ۔ يعني الله تعاليٰ وٽ سڀ کان پسنديده عمل اهو آهي جيڪو هميشه ڪيو وڃي جيتوڻيڪ گهٽ هجي. (مسلم ص 394 حديث 218)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

## مدني انعامات ڪنهن جي لاءِ ڪيترا؟

هن پُر فتن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقي تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو ”مدني انعامات“ سوالن جي صورت ترتيب ڏنو ويو آهي. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرون جي لاءِ 63، علم دين جي شاگردن جي لاءِ 92، ۽ ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83، مدني مُنن ۽ مدني مُنيَن جي لاءِ 40، جڏهن ته خصوصي اسلامي ڀائرن (يعني گونگن ٻوڙن) جي لاءِ 27 مدني انعامات آهن. بيشمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو سمهڻ کان پهرين ”فڪرِ مدينه ڪندي“ يعني پنهنجي عملن جو جائزو وٺي مدني انعامات جي ”رسالي“ ۾ ڏنل خانا پُر ڪندا آهن. انهن مدني انعامات ڪي اِخلاص سان گڏ اپنائڻ کان پوءِ نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان بچڻ واري راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان اڪثر ڪري دور ٿي وينديون آهن ۽ ان جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سنّت جو پابند بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهڻ جو ذهن ٻه بڻجي ٿو. سڀني کي گهرجي ته با ڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪنهن ٻه شاخ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريو ۽ روزانو فڪرِ مدينه (يعني پنهنجو محاسبو ڪندي ان ۾ ڏنل خانا پُر ڪريو ۽ هجري سِن جي مطابق هر مدني يعني قمري مهيني جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي اُتي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

تُو ولی اپنا بنالے اُس کو ربِّ لم یَزَل
''مدنی اِنعامات'' پر کرتا ہے جو کوئی عمل (وسائلِ بخشش ص ۶۰۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# مدني انعامات جي عمل ڪندڙن جي لاءِ بشارتِ عُظميٰ

مدني انعامات جو رسالو پُر ڪرڻ وارا ڪيتري قدر خوش قسمت هوندا آهن ان جو اندازو هِن مدني بهار مان لڳايو جيئن حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح حلفيه (يعني قَسمِيه) بيان آهي ته رَجَبُ الْمُرَجَّب جي مهيني 1426ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي عظيم سعادت ملي. مبارڪ چَپَن ۾ جنبش آئي ۽ رحمت جا گل ٽرڻ لڳا ۽ سهڻا لفظ ڪجهه هئين ترتيب ۾ آيا: **جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي باري ۾ فڪرِ مدينه ڪندو ، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساڪر ج 9 ص 343)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ”يا الله! سبز گنبد ڏيکار“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان ويهڻ جا 18 مدني گل

۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪي ماڻهو دير تائين ڪنهن جڳهه ويٺا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ۽ نبيءِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پڙهڻ کانسواءِ اُتان اُٿي ويا انهن نقصان ڪيو جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ چاهي ته عذاب ڏي ۽ چاهي ته بخشي ڇڏي. (المستدرک للحاکم ج 2 ص 168 حديث 1869) ۞ حضرتِ سيّدنا ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا ته مون سيّدُالمُرسَلِين، خاتَمُ النَّبِيين، جنابِ رَحمَةٌ لِّلعٰلَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪعبي شريف جي اڱڻ ۾ اِحتِبا جي صورت ۾ تشريف فرما ڏٺو. (بخاري ج 4 ص 180 حديث 6272) اِحتِبا جو مطلب هي آهي ته ماڻهو ڌڙن ڀر (يعني ويهڻ واري جڳهه تي) ويهي ۽ پنهنجي ٻنهي ڄنڀن کي ٻنهي ٻانهن سان ڪڙو ناهي جهلي. اهڙي طرح ويهڻ تواضع (يعني عاجزي و انڪساري) ۾ شمار ٿئي ٿو. (ملخص از بهار شريعت ج 3 ص432) ۞ انهيءَ دوران بلڪ جڏهن ٻه ويهو پردي جي جاين جي ويهڪ ۽ ڪيفيت نظر نه اچڻ گهرجي، تنهن ڪري ”پردي ۾ پردي“ جي لاءِ گوڏن کان پيرن تائين چادر وڌي وجي جيڪڏهن ڪُڙتو سنت مطابق هجي ته ان جي دامن سان به ”پردي ۾ پردو“ ڪري سگهجي ٿو ۞ حُضور اڪرم، نور مُجَسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن فجر جي نماز پڙهي وٺندا

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

هئا تہ پلٽي هڻي ويهي رهندا هئا ايستائين جو سج چڱي طرح اُڀري ويندو هو. (ابو داؤد ج 4 ص345 حديث 4850) ۞ جامع ڪراماتِ اولياء جلد اول جي صفحي 67 تي آهي: امام يوسف نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورانِي جي ٻہ زانو (يعني گوڏا پيجي جيئن نماز ۾ اَلتَّحيات ۾ ويهبو آهي ائين) ويهڻ جي عادت مبارڪ هئي ۞ نماز کان ٻاهر بہ ٻہ گوڏا پيجي ويهڻ افضل آهي. (مراة ج 8 ص 90) ۞ سرورِ ڪائنات، شاهِ مَوجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عام طور تي قبلي جي طرف منهن مبارڪ ڪري ويهندا هئا. (احياء العلوم ج 2 ص 449) ۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: ”مجلسن ۾ سيني کان مُڪرَّم (يعني عزت واري) مجلس اُها آهي جنهن ۾ قبلي جي طرف منهن ڪيو وڃي.“ (طبراني اوسط ج 6 ص 161 حديث 8361) ۞ حضرتِ سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا. (المقاصد الحسنة ص 88) ۞ مبلغ ۽ مدرس جي لاءِ بيان ۽ تدريس دوران سنّت هي آهي تہ پُٺ قبلي جي طرف رکن تہ جيئن انهن کان علم جون ڳالهيون ٻڌڻ وارن جو رخ قبلي جي طرف ٿي سگهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدنا علامہ حافظ سخاوي عَلَيه رَحمةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: نبيءِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قبلي ڏانهن ان ڪري پُٺ فرمائيندا هئا جو پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪي علم سيکاري رهيا آهن يا وعظ فرمائي رهيا آهن انهن جو رخ قبلي جي طرف رهي. (المقاصد الحسنة ص 88) ۞ حضرتِ سيّدنا اَنَس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي: بي چين دلين جي چين، رحمتِ دارين، سرورِ ڪَونين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪي ڪڏهن نہ ڏٺو ويو جو پنهنجي همنشين (يعني گڏ ويهڻ واري)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جي سامهون گوڏا ڦهلائي ويٺا هجن. (ترمذي ج 4 ص 221 حديث 2498) حديث پاڪ ۾ "رُڪبَتَين" (يعني گوڏن) جو لفظ آهي ان مان مراد هڪ قول جي مطابق "ٻيئي پير" آهن جيئن تہ مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني حضور انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪنهن بہ مجلس ۾ ڪنهن جي طرف پير ڦهلائي نہ ويهندا هئا نہ اولاد جي طرف، نہ پاڪ گهروارين جي طرف، نہ غلامن خادمن جي طرف. (مراة ج 8 ص 80) ۞ حضرتِ سيّدنا امامِ اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪڏهن بہ پنهنجي محترم استاد حضرتِ سيّدنا حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الجواد جي احترام ۽ اڪرام وچان سندن گهر ڏانهن پير نہ ڊگهيريا، سندن (يعني استاد صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي) گهر مبارڪ ۽ منهنجي گهر ۾ ڪجهہ گهٽين جو فاصلو هئڻ جي باوجود مون ڪڏهن بہ اوڏانهن پير نہ ڪيا. (مناقب الامام الاعظم ابي حنيفة الموفق حصو 2 ص7) ۞ اچڻ واري جي لاءِ سِرڪڻ سنّت آهي. بهار شريعت جلد 3 صفحو 432 تي حديث نمبر 6 آهي: هڪ شخص رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن مسجد ۾ تشريف فرما هئا، حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن ان شخص جي لاءِ پنهنجي جاءِ تان سرڪيا، هن عرض ڪيو: يارسول اللّٰه (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪُشادي جڳهہ موجود آهي (حضور جن ڪي سرڪڻ ۽ تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي) ارشاد فرمايائون: مسلمان جو اهو حق آهي تہ جڏهن ان جو ڀاءُ ڪيس ڏسي تہ ان جي لاءِ سرڪي وڃي. (شعب الايمان ج 6 ص 468 حديث 8933) ۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

آهي: ”جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽ ان تان ڇانوَ هٽي وڃي ۽ اهو ڪجهہ (اُس) ڪجهہ ڇانو ۾ هجي تہ ان کي گهرجي تہ اُتان ڪان اُٿي وڃي.“(ابو داؤد ج4 ص 338 حديث 4821) ۞ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: پِير ۽ استاد جي نشست (يعني ويهڻ جي جاءِ) تي انهن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويهي. (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 369،424) ۞ جڏهن ڪنهن اجتماع يا مجلس ۾ اچو تہ ماڻهن کي اورانگي اڳتي نہ وڃو جتي جڳهہ ملي اُتي ئي ويهي رهو ۞ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو، اوهان جي پيرن کي آرام ملندو. (الجامع الصغير ص 40 حديث 554) ۞ مجلس کان فارغ ٿي هي دعا ٽي دفعا پڙهو تہ خطائون مٽائيون وينديون آهن ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ مجلسِ خير ۽ مجلسِ ذڪر ۾ پڙهي تہ انهي جي لاءِ اُن خير (يعني ڀلائي) تي مُهر لڳائي ويندي آهي . اها دعا هي آهي:”سُبۡحٰنَکَ اللّٰھُمَّ وَبِحَمۡدِکَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ اَسۡتَغۡفِرُکَ وَاَتُوۡبُ اِلَیۡکَ“[1] (ابو داؤد ج4 ص 347 حديث 4857)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

---

[1] ترجمو: تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ اي الله عَزَّوَجَلَّ ! تنهنجي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن، توکان سواءِ ڪو معبود ناهي، توکان بخشش چاهيان ٿو، ۽ تنهنجي طرف توبہ ڪريان ٿو.

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي .** (حاڪم)

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | ڪو دڙڪو ڏيئي تہ ڏسي! | 13 |
| ﴿1﴾ خوفناڪ اُٺ | 1 | آسانين جي باوجود سستي | 13 |
| واه! شانِ بي نيازي | 2 | هاءِ! مسلمانن جو بگڙيل ڪردار! | 14 |
| آقاءِ مظلوم کي ستائڻ جو سبب | 2 | نيڪي جي دعوت جي فضيلت ۽ عظمت | 15 |
| ﴿2﴾ ڪوهِ صفا تان نيڪي جي دعوت | 3 | طاقت جي باوجود گناهہ کان نہ روڪڻ واري جي لاءِ وعيد | 15 |
| ﴿3﴾ دروازي تي خون | 4 | 40 هزار نيڪ بہ هلاڪ ڪندس ڇو تہ.... | 16 |
| راهہ خدا ۾ مصيبت برداشت ڪرڻ سنت آهي | 5 | نيڪي جي دعوت جي لاءِ سفر ڪرڻ سنت آهي | 17 |
| ﴿4﴾ شِعب اَبي طالِب | 6 | علم جي فضيلت ۾ چار فرمانِ مصطفيٰ | 18 |
| سَماجِي قَطع تعلق (يعني سوشل بائيڪاٽ) | 6 | امير قافلہ جي حسنِ اخلاق | 19 |
| چمڙي جو ٽڪرو کائي ڇڏيائون | 7 | اِستِقامت تمام ضروري آهي | 21 |
| اُڏوهي جو ڪمال | 8 | مدني انعامات ڪنهن جي لاءِ ڪيترا ؟ | 22 |
| ﴿5﴾ طائف جو ڏکائيندڙ سفر | 9 | مدني انعامات تي عمل ڪندڙن جي لاءِ بشارت | 23 |
| قلم ڏکي ٿو! | 10 | ويهڻ جا 18 مدني گل | 24 |
| جبلن جو فرشتو | 12 | | |


# ماخذ و مراجع


| كتاب | مطبوعه | كتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| كنز الايمان | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی | سبل الهدیٰ | دار الكتب العلمية بيروت |
| التفسيرات الاحمديه | دار الكتب العلمية بيروت | مناقب ابی حنيفة | كوئٹه |
| صحيح بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | سيرتِ رسولِ عربی | ضياءالقرأن پبليكيشنز لاہور |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | جامع كراماتِ اولياء | مركز اہلسنّت بركات رضا |
| سنن ترمذی | دارالفكر بيروت | القول البديع | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ابو داود | داراحياءالتراث العربی بيروت | المواهب اللدنية | دار الكتب العلمية بيروت |
| مستدرك | دار المعرفة بيروت | بستان الواعظين | دار الكتب العلمية بيروت |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | السيرة النبويه | دار الكتب العلمية بيروت |
| معجم كبير | داراحياءالتراث العربی بيروت | الخصائص الكبریٰ | دار الكتب العلمية بيروت |
| معجم اوسط | دار الكتب العلمية بيروت | الروض الانف | دار الكتب العلمية بيروت |
| الامر بالمعروف والنهی عن المنكر | المكتبة العصرية بيروت | احياء العلوم | دارصادر بيروت |
| الترغيب والترهيب | دار الكتب العلمية بيروت | مرأة المناجيح | ضياءالقرأن پبليكيشنز لاہور |
| الجامع الصغير | دارالكتب العلمية بيروت | فتاوٰی رضويه | رضا فاؤنڈيشن مركزالاولياء لاہور |
| حلية الاولياء | دارالكتب العلمية بيروت | بہارِ شريعت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی |
| تاريخ دمشق | دارالفكر بيروت | المقاصد الحسنة | دارالكتاب العربی بيروت |

